
# شيطان جا دروازا

05-April-2024

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان
(for Islamic Brothers)



5 اپريل 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# شيطان جا دروازا

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ...شيطان جهڙو ڪير...؟
- ...سڄي رات جي عبادت کان افضل
- ... گناه ياد رکڻ عبادت آهي
- ...شيطان جا 10 دروازا ۽ انهن کان بچڻ جو طريقو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسول هاشميصلَّى الله عليهِ وآلهٖ وسلَّم : جنهن مون تي صبح و شام 10، 10 پيرا درود شريف پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.[1]

کہیں گے اور نبی اِذْهَبُوْا اِلٰی غَیْرِی | مرے حضور کے لب پر اَنَا لَهَا ہوگا(2)

وضاحت: قيامت جي ڏينهن جڏهن ماڻهو مختلف انبياءِ ڪرام عليهم السّلام جي خدمت ۾ شفاعت جو سوال ڪَٽي حاضر ٿيندا ته سيئي نبي سڳورا هي فرمائيندا: اِذْهَبُوْا اِلٰى غَيْرِىْ يعني مون کان علاوه ڪنهن ٻي وٽ وڃو! پر جڏهن ماڻهو بارگاه رسالت ۾ حاضر ٿيندا ته پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰصلَّى الله عليهِ وآلهٖ وسلَّم فرمائيندا: اَنَا لَهَا، اَنَا لَهَا هن ڪم(يعني شفاعت) جي لاءِ مان آهيان.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

[1] مجمع الزوائد، ڪتاب الاذڪار، جلد:10، صفحه:120، حديث:17022۔
[2] ... ذوق نعت، صفحه:54۔

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو ته ❁ نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، ❁ علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ❁ ضرورتًا سرڪي ڀين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ❁ ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَلْوداع اَلْوداع ماهِ رمضان...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجهه ئي ڏينهن پهريان جي ڳالهه آهي، عاشقانِ رمضان انتظار ۾ هئا ته رمضان المبارڪ اچڻ وارو آهي * رمضان المبارڪ جي تياري هلي رهي هئي پر.... هي برڪتن وارا ڏينهن تيزي سان گذرندا هليا ويا ۽ هاڻي ماهِ رمضان تيزي سان پنهنجي اختتام جي طرف وڌي رهيو آهي. افسوس! هاڻي ڪجهه ئي ڏينهن بعد رمضان جو مبارڪ مهينو اسان کان موڪلائي ويندو.

| | |
|---|---|
| ہوتے ہو تم ہم سے جدا،اے ماہِ رمضان اَلْوَدَاع! | ملوائے پھر تم سے خدا، اے ماہِ رمضان اَلْوَدَاع! |
| ماہِ صیام ایسے چلے قالب سے جاں جیسے چلے | ھَیْھَات تم کیسے چلے؟ اے ماہِ رمضان اَلْوَدَاع! |
| جاتے ہو اے ماہِ نجات! ہم ہاتھ پر ملتے ہیں ہاتھ | آتی ہے یاد ایک ایک بات، اے ماہِ رمضان اَلْوَدَاع! |
| جنّت کے تھے سب دَر کھلے، دوزخ کے سب دَر بند تھے | ہر دم تھی رحمت غیب سے، اے ماہِ رمضان اَلْوَدَاع! |

1...بخاري، ڪتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1-

| | |
|---|---|
| رواتوں کو وہ پڑھتے نماز، طاعت کا وہ دامن دراز | خالق سے وہ عجز و نیاز، اے ماہِ رمضان اَلوَدَاع! |
| شَهْرُ تَرَاوِيح اَلوَدَاع، ماہِ تَسَابِيْح اَلوَدَاع | نورِ مَصَابِيْح اَلوَدَاع، اے ماہِ رمضان اَلوَدَاع! |
| اے ماہِ رمضان اَلسَّلام! اے فرضِ رحمٰن اَلسَّلام! | اے شَہرِ قرآن اَلسَّلام! اے ماہِ رمضان اَلوَدَاع! |
| اے حضرتِ ماہِ صیام! بیدلؔ کا لیجئے سلام | تسلیم ہے ختمِ الکلام، اے ماہِ رمضان اَلوَدَاع! (1) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## باقي زندگي انمول آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جا اجا ڪجھ ڏينھن باقي آھن، اسان کي گھرجي تہ انھن کي غنيمت سمجھون، مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت موليٰ علي شير خدا رضی اللہ عنہ جو فرمان آهي تہ بَقِيَّةُ عُمُرِ الرَّجُلِ لَا ثَمَنَ لَهٗ يعني انسان جي جيڪا باقي زندگي آهي، اها انمول آهي.[2]

واقعي هي حقيقت آهي، جيڪي گھڙيون گذري چڪيون، سو گذري چڪيون هاڻي ڪڏھن موٽي نہ ايندي، جيڪي گھڙيون اسان کي ميسر آھن، اهي انمول آھن، اسان کي گھرجي تہ ان مان فائدو کڻون، ايندڙ رمضان اسان ڏسي سگھنداسون يہ الائي نہ، هي تہ اسان نٿا ڄاڻيون. لهٰذا هي جيڪي ڪجھ ڏينھن رهجي ويا آھن، اُنھن ۾ خوب دل لڳائي ڪري نيڪيون ڪيون، هاڻي هڪ هڪ منٽ قيمتي آهي، هڪ گھڙي بہ ضايع ڪرڻ بغير گھٽي کان گھٽيون برڪتون حاصل ڪيون. آخري عشري جون طاق راتيون بہ اڃان ملي رهيون آھن، انھن مان هڪ رات شبّ قدر ٿيندي آهي، ✹ اها عظيم رات جيڪا هزار مهينن کان

---

[1]...نورِ ايمان، صفحہ:37ـ38ـ
[2] الزہد الكبير للبيہقی، صفحہ:295، رقم:779ـ

بهتر آهي.[1] ✿ هن رات ۾ سلامتيون لهنديون آهن، ملائڪ زمين تي ايندا ۽ عبادت گذارن کان مصافحو ڪندا آهن.[2] پوءِ ان کان بعد لَيْلَةُ الْجَائِزَه (يعني عيد جي چنڊ رات) بہ اچڻي آهي. ✿ اها عظيم رات جو سڄي رمضان ۾ جيترن جي مغفرت ٿيندي آهي، انهن جي مجموعي تعداد جي برابر ماڻهن جي مغفرت هن هڪ رات ۾ ڪئي ويندي آهي.[3] يعني اسان جي لاءِ موقعا ئي موقعا آهن، رڳو اسان کي قدر ڪرڻ نصيب ٿي وڃي. اسان انهن قيمتي گهڙين مان صحيح معنائن ۾ فائدو وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم

## شيطان آزاد ٿيڻ وارو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان المبارڪ عنقريب موڪلائڻ وارو آهي تہ ان سان گڏوگڏ ئي اسان جو اصل ۾ حقيقي دُشمن يعني شيطان بہ آزاد ٿيڻ وارو آهي. افسوس! شيطان جيئن ئي آزاد ٿيندو آهي، شور مچائي ڇڏيندو آهي، بس هي اعلان ٿيڻ جي دير هوندي آهي تہ عيد جو چنڊ نظر اچي ويو آهي، ماهِ رمضان جا ديوانا تہ اُن وقت رمضان جي جُدائي جي غم ۾ زاروقطار روئي رهيا هوندا آهن پر هي بہ حقيقت آهي تہ هزارين ماڻهو ان وقت شيطان جي چار ۾ ڦاسي پوندا آهن ✿ ڳائڻ وڄائڻ جا بيهودا آواز گهٽين بازارن ۾ گونجڻ لڳندا آهن ✿ بازارن ۾ رش لڳي ويندي آهي ✿ بي پردگي عام ٿي رهي هوندي آهن. ✿ لوفر ڇوڪرا رستن تي شور ڪرڻ لڳندا آهن، بس ايئن ڪٿي ڇئجي تہ سڄو رمضان قيد ۾ رهڻ کان پوءِ شيطان تمام گهڻي ڪاوڙ ۾ هوندو آهي ۽

[1] ابن ماجہ، کتاب الصیام، باب ما جاء فی فضل شہر رمضان، صفحہ:حدیث:1644۔

[2] فضائل شہر رمضان للمقدسی، صفحہ:62، حدیث:26بتغیر۔

3

سڄي رمضان جي ڪاوڙ هڪ ئي رات ۾ ڪيندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي چڱي ڳالهه ناهي، شيطان اسان جو دشمن آهي❁ خوشي هجي يا غم❁ عيد هجي يا رمضان❁ ڪهڙو ئي وقت هجي❁ ڪهڙو به ڏينهن هجي❁ اسان کي اُن بدبخت کي پنهنجو دشمن ئي سمجهڻو آهي. ❁ ڪنهن وقت به ان جي چار ۾ ناهي ڦاسڻو. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اِنَّ الشَّیْطٰنَ لَكُمْ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوْهُ عَدُوًّاؕ

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ شيطان توهان جو دشمن آهي ته توهان به ان کي دشمن سمجهو.

يعني اي انسانو! الله پاڪ جي عبادت تي قائم رهي ڪري ۽ الله پاڪ جي نافرماني ۾ شيطان جي پيروي نه ڪري شيطان کان دشمني ڪندا رهو! ان کي هميشه ئي دشمن ڄاڻيندا رهو...!![1]

هڪ مقام تي الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَ ذُرِّیَّتَهٗۤ اَوْلِیَآءَ مِنْ دُوْنِیْ
وَ هُمْ لَكُمْ عَدُوٌّؕ بِئْسَ لِلظّٰلِمِیْنَ بَدَلًا ﴿۵۰﴾

ترجموڪنزالعرفان: سو (اي انسانو!) ڇا توهان ان کي ۽ ان جي اولاد کي مون کان سواءِ دوست بڻايو ٿا جڏهن ته اهي توهان جا دشمن آهن، ظالمن جي لاءِ ڪهڙو نه برو بدلو آهي.

يعني اي انسانو! ڇا توهان شيطان ۽ ان جي اولاد کي مون کان سواءِ دوست بڻايو ٿا! يعني منهنجي بندگي ڪري ان جي پويان هلو ٿا...!! حالانڪ سچ اهو آهي ته شيطان به ۽ ان جو اولاد به توهان جو دشمن آهي. پوءِ شيطان، ان جو

[1] مکاشفة القلوب، باب فی عداوة الشيطان، صفحه:69۔

اولاد ۽ جيڪي ان جي پنيان هلن، سيئي ظالم آهن ۽ ظالمن جي لاءِ تمام بُرو بدلو آهي.[1]

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! ڪيتري صاف ڳالھ آهي، غور فرمايو! ڪھڙي طرح اسان کي جاڳايو پيو وڃي ته اي انسانو! ✿ الله پاڪ جي محبت ✿ الله پاڪ جي اِطّاعت ✿ الله پاڪ جي فرمانبرداري ✿ الله پاڪ جي عبادت ✿ ۽ نيڪ ڪم ڇڏي ڪري شيطان جي پُنيان نه هلو...!! نه ته شيطان ته لعنت ۽ غضب ۾ ٻڌل ئي آهي، توهان کي به پاڻ سان گڏ ٻوڙي ڇڏيندو.

| | |
|---|---|
| سلسلہ آہ! گناہوں کا بڑھا جاتا ہے | نِت نیا جرم ہر اک آن ہوا جاتا ہے |
| نفس و شیطان کی ہر آن اطاعت پر دل | آہ! مائل مرے اللہ ہوا جاتا ہے |
| المدد یاشہِ اَبرار مدینے والے | قلب سے خوفِ خدا دور ہوا جاتا ہے(2) |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شيطان جا دروازا

اي عاشقانِ رسول! عنقريب ماهِ رمضان موڪلائي ويندو ۽ عنقريب شيطان قيد مان آزاد ٿي ويندو. انڪري اڄ ۽ هاڻي ئي کان هي پڪو عهد ڪيو ته اسان کي شيطان جي پيروي ناهي ڪرڻي، اُن جي چالن ۾ ناهي اچڻو، ان کان بچي ڪري، ان جي وسوسن کان پري رهي ڪري ان جي دوکي مان نڪري ڪري آئينده سڄي زندگي نيڪين ئي ۾ گذارڻي آهي

الله پاڪ اسان کي شيطان جي دوکي کان محفوظ فرمائي. (آمين) اسان کي شيطان کان ڪيئن بچڻو آهي؟ ان جي وار کان ڪيئن محفوظ رهڻو آهي؟ ان

[1] صراط الجنان، پاره:15، سورۂ ڪہف، زيرِ آيت:50، جلد:5، صفحه:581بتغير ۔

[2]... وسائلِ بخشش، صفحه:432 ملتقطاً۔

جو بهترين طريقو هي آهي تہ اهي دروازا جن ذريعي شيطان اسان تائين پهچندو آهي ۽ اسان کي پٽڪائيندو آهي. اسان اهي دروازا ئي بند ڪري ڇڏيون. اهي دروازا ڪهڙا ڪهڙا آهن؟ پڙهو!

## شيطان جهڙو ڪير...؟

منقول آهي: هڪ ڀيرو هڪ نيڪ انسان جي شيطان ڪان ملاقات ٿي، اهو نيڪ انسان نهايت عقلمند هو، ان شيطان کي چيو: اي ابليس! هي ٻڌايو تہ مان تو جهڙو ڪيئن بڻجي سگهان ٿو؟ شيطان چيو: تنهنجو بُرو ٿي! هي ڪهڙو سوال آهي؟ مون ڪان ڪڏهن ڪنهن اها ڳالهہ ناهي پڇي(سيئي مون ڪان بچڻ جا طريقائي سوچيندا آهن ۽ تون آهين جو مون جهڙو بڻجڻ چاهين ٿو)؟ نيڪ انسان چيو: بس مون کي هي پسند آهي، تون مون کي سوال جو جواب ڏي. (هاڻي شيطان تہ شايد دل ۾ خوش ٿي رهيو هوندو، تہ هلو مون جهڙو ڪو تہ ملي ويو، جيئن تہ) شيطان پنهنجي راز تان پڙدو ڪڻندي چيو: مون جهڙو بڻجڻ نهايت آسان آهي، بس 2 ڪم ڪيو! (1) نمازن ۾ سُستي ڪندا ڪيو! (2) ڪوڙا هجن يا سچا گهڻي مان گهڻا قسم ڪڻندا ڪيو! توهان مون جهڙا بڻجي ويندؤ. اهو ٻُڌي ڪري اُن نيڪ انسان چيو: **مان الله پاڪ کان وعدو ڪيان ٿو تہ آئينده هي ٻئي ڪم ئي نہ ڪندس.** شيطان چيو: مون کي ڪڏهن ڪنهن اهڙو دوکو ناهي ڏنو، مان بہ وعدو ڪيان ٿو تہ آئينده ڪڏهن انسان کي نصيحت نہ ڪندس.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! غور جو مقام آهي......!! 2 ڪم آهن جيڪي انسان کي شيطان بڻائي ڇڏين ٿا: (1) نمازن ۾ سستي ڪرڻ (2) گهڻا قسم ڪڻڻ. افسوس! هي ٻئي ڪم اسان جي معاشري ۾ وڌندا پيا وڃن. هاڻ اَلحَمدُلِلّٰه! رمضان المُبارڪ جي برڪتن وارا ڏينهن آهن، مسجدن ۾ جهڙي رونق هجڻ گهرجي، اهڙي نہ سهي بهرحال رونق تہ آهي، نمازين جي تعداد وڌيل تہ آهي پر افسوس! جيئن ئي رمضان موڪلائي ويندو، نمازن ۾ سُستي وري وڌي ويندي. مسجدون

[1] تنبيہ الغافلين، باب الصلوات الخمس، صفحہ:158۔

ويران ٿي ويندي، ڳڻپ جي برابر ڪجھ نمازي ئي باقي رهجي ويندا.

اي عاشقانِ رسول! اسان کي شيطان کان دشمني ڪرڻي آهي، ان کي هر وقت دشمن ئي سمجهڻو آهي، ان جي لاءِ اڄ هي پڪو ارادو ڪيو ته اسان نماز ۾ هرگز سُستي نه ڪنداسين، چند رات جي عشاء به جماعت سان ادا ڪنداسين، فجر به جماعت سان ادا ڪنداسين ۽ ان کان پوءِ به سڄي زندگي پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت بلڪ پهرين صف ۾ ادا ڪندا رهنداسين.

| | |
|---|---|
| جنّت تمھیں دِلائے گی اے بھائیو! نماز | دیدارِ حَق دِکھائے گی اے بھائیو! نماز |
| خالق سے بَخْشوائے گی اے بھائیو! نماز | دربارِ مُصطفٰے میں تمھیں لے کے جائے گی |
| سب کچھ تمھیں پہنائے گی اے بھائیو! نَماز | عزّت کے ساتھ نُوری لِباس اچّھے زیورات |
| آرام سے سُلائے گی اے بھائیو! نماز | جنَّت میں نَرْم نَرْم بچھونوں کے تَخْت پر |
| رُتْبہ بہت بڑھائے گی اے بھائیو! نماز | خِدْمَت تمہاری کریں گی حُوریں اَدَب کے ساتھ |
| | |
| میوے تمھیں کھلائے گی اے بھائیو! نماز | کوثر کے سَلسَبِیْل کے شربَت پلائے گی |
| خُوشبو میں جب بَسائے گی اے بھائیو! نماز | سب عِطْر و پُھول ہوں گے نِچھاور پسینے پر |
| ٹھنڈی ہوا چلائے گی اے بھائیو! نماز | رَحْمت کے شامیانوں میں خُوشبو کے ساتھ ساتھ |
| | |
| سب کچھ تمھیں دِکھائے گی اے بھائیو! نماز | باغِ بہشت روضۂ رِضواں بہارِ خُلد |
| سب کچھ تمھیں دِلائے گی اے بھائیو! نماز | پڑھتے رہو نماز کہ دونوں جہان میں |
| سب سے تمھیں بچائے گی اے بھائیو! نماز | فاقے سے مُفْلِسی سے جہنّم کی آگ سے |
| محشر میں کام آئے گی اے بھائیو! نماز | پڑھ کرنماز ساتھ لو سامانِ آخرت |
| اللہ سے مِلائے گی اے بھائیو! نماز | بات اعظمی کی مانو نہ چھوڑو کبھی نماز |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بي نمازي جهنم جو حقدار آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز اسلام جي بنيادي رڪنن مان هڪ اهم رُڪن آهي. اُن کي اسلام جو رڪن(ٿنڀ) فرمايو ويو آهي.[1] ۽ اسان ڄاڻون ٿا ته جڏهن عمارت جو ٿنڀ ڪِري پئي ته عمارت ڪِري پوندي آهي يعني نماز اها عظيم عبادت آهي جيڪا اسان جي اندر ايمان کي مضبوط بڻائي رکندي آهي، الله نه ڪري جيڪڏهن نماز ۾ سُستي ٿي وئي ته اهو وقت پري ناهي جو اسان جي دل مان ايمان جو نور نڪري وڃي. انهي ڪري نماز ۾ هرگز سُستي نه ڪندا ڪيو!

اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسنّت مولانا امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن ڄاڻي واڻي هڪ وقت جي نماز ڇڏي هزارين سال جهنَّم ۾ رهڻ جو حقدار ٿيو، جيستائيين توبہ نہ ڪري ۽ ان نماز جي قضا نه ڪري وٺي.[2]

ہو گی دنیا خراب آخرت بھی خراب | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
بے نمازی جہنّم کا حقدار ہے | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
دیکھو! اللہ ناراض ہو جائے گا | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز(3)

قرآن ڪريم ۾ سيپاري 16 سوره مريم، آيت نمبر: 59 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو.

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ یَلْقَوْنَ غَیًّا

(۵۹)(پاره:16، سورۂ مريم:59)

[1] کنز العمال، کتاب الصلاۃ، الفصل الثانی فی فضائل الصلاۃ، جز:7، جلد:4، حدیث:18885 ۔

[2] فتاوٰی رضویہ، جلد:9، صفحہ:158۔

[3] ...وسائلِ فردوس، صفحہ:23 ملتقطاً ۔

**ترجمو كنزالعرفان**: پوءِ انهن جي پنيان انهن جي جاءِ تي اُهي نالائق ماڻهو آيا جن نمازون ضايع ڪيون ۽ پنهنجي خواهشن جي پنيان لڳا سو عنقريب اهي جهنم جي خوفناڪ وادي غيّ سان وجي ملندا.

بيان ڪيل آيتِ مبارڪ ۾ ”غيّ“ جو ذڪر آهي ۽ هن مان مُراد جهنّم جي هڪ وادي آهي، **صاحبِ بهارِ شريعت** مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: غيّ جهنم ۾ هڪ وادي آهي، جنهن جي گرمي ۽ گهرائي سڀ کان وڌيڪ آهي، هن ۾ هڪ کوهه آهي، جنهن کي هَب هَب چوندا آهن. جڏهن جهنم جي باهه وسامڻ لڳندي آهي تہ الله پاڪ ان کوهه کي کولي ڇڏيندو آهي، جنهن سان جهنم جي باهه پهريان وانگر ڀڙڪڻ لڳندي آهي (الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:)

كُلَّمَا خَبَتْ زِدْنٰهُمْ سَعِیْرًا۝۹۷

ترجموڪنزالعرفان: جڏهن بہ وسامڻ لڳندو تہ اسان ان کي اجان وڌيڪ ڀڙڪائينداسين.

✿ هي کوهه بي نمازين، ✿زانين، ✿شرابين، ✿وياج خورن ✿ ۽ والدين کي ستائڻ وارن جي لاءِ آهي.[1]

| | |
|---|---|
| ہو گیا تجھ سے خدا ناراض اگر | قَبر سُن لے آگ سے جَائیگی بھر |
| عُمر میں چُھوٹی ہے گر کوئی نَماز | جَلد ادا کر لے تُو آ غَفلَت سے بَاز(2) |

الله پاڪ اسان کي پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت تڪبيرِ اوليٰ سان ادا ڪندو رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] بہارِشریعت،جلد:1، صفحہ:434، حصہ:3۔

...[2] وسائلِ بخشش، صفحہ713۔

## شيطان جو دروازو: اِستغفار کان غفلت

حضرت عبد الرحمٰن بن زياد رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو حضرت موسيٰ علیہ السلام تشريف فرما هئا، سامهون کان هڪ شخص ايندي نظر آيو، ان جي مٿي تي رنگين ٽوپي پاتل هئي، جڏهن هُو ويجهو آيو ته اُن اها ٽوپي لاهي ڇڏي. حضرت موسيٰ علیہ السلام پڇيو: تون ڪير آهين؟ ان چيو: مان ابليس آهيان: فرمايائون: اها ٽوپي جيڪا تو پائي رکي هئي، اها ڇا آهي؟ چيائين: اها منهنجي لاءِ اهو ڄار آهي جيڪو مان آدم جي اولاد تي وجهندو آهيان. حضرت موسيٰ علیہ السلام پڇيو: اهو ٻڌايو! اها ڪهڙي بُرائي آهي ته جڏهن انسان اها بُرائي ڪري وٺي ته تُون ان کي قابو ڪري وٺندو آهين. شيطان چيو: **جڏهن انسان خودپسندي ۾ مبتلا ٿئي (يعني پنهنجو پاڻ تي غرور ڪرڻ لڳي) ۽ پنهنجي گناهن کي ويساري ڇڏي، تڏهن ان کي قابو ڪري وٺندو آهيان.**[1]

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان معلوم ٿيو ته پنهنجي گناهن کي ويساري ڇڏڻ به شيطان جي ڄار ۾ ڦاسي پوڻ جو سبب آهي. واقعي اها حقيقت آهي، جڏهن انسان پنهنجي گناهن کي ويساري ڇڏيندو آهي ته اهو پنهنجو پاڻ تي غرور ڪرڻ لڳندو آهي ۽ الله پاڪ جي خُفيه تقدير کان بي خوف ٿي ڪري مطمئن ٿي ويندو آهي، ۽ هي اطمينان ۽ بيخوفي اها شيءِ آهي جيڪا شيطان جو ڪم آسان ڪري ڇڏيندي آهي. انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته اسان هر وقت پنهنجي گناهن کي پنهنجي سامهون رکون، مشهور مفسر قرآن، حڪيم الاُمّت مفتي احمديارخان نعيمي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: **پنهنجي نيڪين کي ويساري ڇڏڻ ۽ گناهن کي ياد رکڻ عبادت آهي.**[2]

افسوس! اسان وٽ ان جي ابتڙ رواج آهي، ماڻهو نيڪيون ياد رکندا آهن. گناهه ويساري ڇڏيندا آهن۞ هڪ ڏينهن جي پڙهيل تهجد ياد رهندي آهي، 50 ڏينهن

---

[1] تنبيه الغافلين،باب عداوة الشيطان و معرفة مكايده، صفحہ:346۔

2

جون قضا ڪيل نمازون ياد ناهن هونديون ❁ ڪجھ ماڻهو وڏي فخر سان ٻڌائي رهيا هوندا آهن تہ: هن ڀيري مون رمضان المبارڪ جا 10 روزا رکيا، ڪو انهن کي ٻڌائي تہ ڀاءَ اوهان 20 روزا قضا ڪري ڇڏيا! ❁ مسجد ۾ ڏنل 10 روپيہ ياد رهندا آهن، واپار ۾ ٺڳي سان ڪمايل هزار روپيہ ويساري ڇڏيندا آهيون. ياد رکو! هي سخت ڳڻتي جي ڳالھ آهي، پنهنجي گناهن کي ويساري ڇڏڻ شيطان جو دروازو آهي. جڏهن انسان پنهنجي گناهن کي ويساري ڇڏيندو آهي تہ شيطان اُن تي غالب اچي ويندو آهي. انهي ڪري پنهنجي گناهن کي هميشہ ياد رکو! هي اهو ذريعو آهي جنهن سان اسان جي دل ۾ رقّت پيدا ٿيندي، دل ۾ الله پاڪ جو خوف ايندو ۽ اسان ربّ ڪريم جي پڪڙ کان ڊڄي ڪري توبہ بہ ڪندا رهنداسين ۽ آئينده گناهن کان بچندا رهنداسين.

## ننڍپڻ جو گناھ ياد رکيو

حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪو تمام وڏو وَلِيُّ الله ٿي گذريو آهي، سندن سيرت ۾ آهي تہ ڪائنس ننڍپڻ ۾ هڪ گناھ ٿي ويو هو، حالانڪ نابالغ ٻار جو گناھ، گناھ ناهي هوندو، ان جي باوجود پاڻ ان گناھ کي ياد رکيو، سندن عادت هئي تہ جڏهن بہ نوان ڪپڙا سبرائيندا هئا تہ ڳلي تي اهو گناھ لکي ڇڏيندا هئا، پوءِ ان کي ڏسي ڪري شرمندگي سان ڳوڙها ڳاڙيندا رهندا هئا.[1]

الله اڪبر! ڇا تہ نرالو انداز آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي غلطين، ڪوتاهين ۽ گناهن کي هميشہ ياد رکون، انهن کي سوچي ڪري الله پاڪ جي عذاب کان، اُن جي پڪڙ کان ڊڄندا رهون، ايئن ڪندا تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! توبہ جي توفيق ملندي رهندي ۽ آئينده گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻجندو رهندو.

گناہوں کی نحوست بڑھ رہی ہے دم بدم مولیٰ | میں توبہ پر نہیں رہ پارہا ثابِت قدم مولیٰ!

[1] تذکرة الاولياء، جز:1، صفحہ:39۔

گناہوں نے مجھے ہائے! کہیں کا بھی نہیں چھوڑا | کرم ہو از طفیلِ سیّدِ عَرب و عجم مولیٰ!
اندھیری قبر کا احساس ہے پھر بھی نہیں جاتیں | گناہوں کی خدایا عادتیں، فرما کرم مولیٰ!
میں رحمت، مغفرت،دوزخ سے آزادی کاسائل ہوں | مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ!(1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شيطان جو دروازو: پيٽ ڀري کاڌو کائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امام محمد بن محمد غزالي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: شيطان جو هڪ دروازو پيٽ ڀري کائڻ بہ آهي.[2] يعني جڏهن اسان پيٽ ڀري کاڌو کائيندا آهيون. چاهي رزق حلال ئي کائون تہ نفساني خواهشون مضبوط ٿي وينديون آهن، سُستي وڌڻ لڳندي آهي، تڏهن شيطان جي لاءِ اسان تي حملو ڪرڻ آسان ٿي ويندو آهي ۽ اهو اسان کي آساني سان پٽڪائي ڇڏيندو آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسان شيطان کان بچڻ چاهيون ٿا تہ اڄ کان هي پڪو ارادو ڪيو تہ اسان پيٽ ڀري نہ کائينداسون.

## شيطان رت ۾ گردش ڪندو آهي

حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ شيطان انسان جي بدن ۾ رت جيان گردش ڪري ٿو،[3] صوفياءِ ڪرام رحمۃ اللہ علیہم فرمائن ٿا: سو بُک ۽ اُڃ ذريعي ان جي راهہ تنگ ڪيو.[4]

## سڄي رات جي عبادت کان افضل

حضرت ابو سُليمان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: مون کي رات جي کاڌي مان هڪ گرھ

---

1 …وسائلِ بخشش، صفحہ:97۔98ملتقطاً۔
2 مکاشفۃ القلوب، باب فی الریاضۃ…الخ، صفحہ:24 بتغیر
3 بخاری، کتاب الاعتکاف، باب زیارۃ المراۃ زوجہا فی اعتکافہ، صفحہ:533، حدیث:2038
4 کشف الخفاء جلد:1، صفحہ:198۔

گهٽ ڪري ڇڏڻ سڄي رات جي عبادت کان وڌيڪ عزيز آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: بُک الله پاڪ جي خزانن مان هڪ خزانو آهي ۽ هي صِرف پنهنجي پسنديده ٻانهن کي ئي عطا فرمائيندو آهي.[1]

دعا ہے کچھ نہ کچھ لقمے خدا کے واسطے چھوڑوں
رِضائے حق کی خاطرِ لذّتِ دنیا سے منہ موڑوں

## دين جو پوش

حضرت حامد لَفّاف رحمۃُ اللہ علیہ جي خدمت ۾ هڪ شخص عرض ڪيو ته مون کي ڪا نصيحت ڪيو! فرمايائون: دين جي حفاظت جي لاءِ قرآن ڪريم جيان پوشُ ٺاهيو، عرض ڪيائين، دين جو پوشُ ڇا آهي؟ فرمايائون: ❁ضرورت کان وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ کان بچڻ ❁ ماڻهن کان بي ضرورت ميل ميلاپ نه رکڻ ❁ ۽ ضرورت کان وڌيڪ ڪاڌو کائڻ. وڌيڪ فرمايائون: جيڪڏهن توهان کي خبر پئجي وڃي ته الله پاڪ وٽ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم ۽ صحابہ ڪرام علیھم الرّضوان سان گڏ اهلِ ايمان جي جنت ۾ ڪهڙي مهماني ٿيندي ته هن دنيا جي ڪجهه ڏينهن جي زندگي ۾ ڪڏهن پيٽ ڀري ڪاڌو نه کائون ها.[2]

## عبادت جي مٺاڻ

حضرت امام محمد بن محمد غزالي رحمۃُ اللہ علیہ فرمائن ٿا: پيٽ ڀري کائڻ سان عبادت جي مٺاڻ ختم ٿي ويندي آهي. مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت صديق اڪبر رضی اللہ عنہ فرمايو: مان جڏهن کان مسلمان ٿيو آهيان، ڪڏهن پيٽ ڀري ناهي کاڌو ته جيئن مون کي عِبَادت جي مٺاڻ نصيب ٿئي ۽ جڏهن کان مان مسلمان ٿيو آهيان ديدارِ الٰهي جا جام پيئڻ جي شوق ۾ ڪڏهن پيٽ ڀري ناهي پيتو.[3]

---

[1] احياء علوم الدين، كتاب كسر الشهوتين، جلد:3، صفحہ:104۔
[2] تذکرة الواعظين ، الباب العشرون فی فضيلة التوكل...الخ، صفحہ:46۔
[3] منہاج العابدين، الباب الثالث...الخ، الفصل الخامس...الخ، صفحہ:84۔

بھوک کی اور پیاس کی مولیٰ مجھے سوغات دے | یا الٰہی! حَشر میں دیدار کی خیرات دے

پيارا اسلامي ڀائرو! عنقريب رمضان جو مهينو موڪلائي ويندو ۽ کائڻ پيئڻ جا ڏينهن اچي ويندا، جيتوڻيڪ حلال کائڻ بلڪل جائز آهي، باقي گهٽو کائڻ کان بچڻ ئي بهتر آهي، انهيءَ ڪري ماهِ رمضان کان پوءِ به اسان کي ڀرپور ته اها ڪوشش ڪرڻي آهي ته نفل روزن جي عادت بڻايون. جيڪڏهن روزا نه به رکي سگهون تڏهن به اسان کي گهرجي ته اسان حلال کاڌو اهو به بُک رکي ڪري کائڻ جي عادت بڻايون. ان جي برڪت سان جتي صحت چڱي رهندي، اُن سان گڏوگڏ اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! شيطان کان حفاظت جو سامان به ٿيندو رهندو.

## عيد جي ڇهه روزن جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! رَمَضانُ الْمُبارک کان بعد شوال المکرم جي آمد آهي. خوش نصيب مسلمان هن مهيني ۾ عيدالفطر کان پوءِ 6 روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. اچو! انهن روزن جا فضائل ٻڌون ٿا: **حديث پاڪ ۾ آهي**: جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ 6 شوال ۾ رکيا ته گناهن کان ايئن نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.[1] جنهن رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ ڇهه شوال ۾ رکيائين. ته ائين آهي جيئن دهر يعني سڄي عمر جوروز رکيو.( مسلم، ڪتاب الصيام، باب استحباب صوم...الخ، صفحہ:424، حديث: 1164۔) **خليلِ ملّت** حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد خليل خان قادِري برڪاتي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْہ فرمائن ٿا :هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن به حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي ته متفرق (يعني وقفو ڪري) رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ ٻه روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي وٺي ۽ پوري مهيني ۾ رکي ته اڃان به مناسب معلوم ٿئي ٿو.[2]

---

[1] مجمع الزوائد، ڪتاب الصيام، باب فيمن صام ...الخ،جلد:3، صفحہ:322، حديث:5102۔

[2] سنی بہشتی زیور ،صفحہ:347-

# شيطان جا 10 دروازا ۽ انهن کان بچڻ جو طريقو

هڪ بُزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون غور ڪيو تہ شيطان جا دروازا ڪهڙا آهن جن جي ذريعي اهو انسان کي ڀٽڪائي ڇڏيندو آهي؟ تہ مون کي قرآن و حديث جي روشني ۾ معلوم ٿيو تہ شيطان جا 10 دروازا آهن ۽ ان کان بچڻ جا بہ 10 طريقا آهن. (1) شيطان لالچ جي رستي انسان تي حملو ڪندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ انسان قناعت اختيار ڪري(يعني جيڪو ڪجهہ ۽ جيتري مقدار ۾ الله پاڪ عطا فرمايو آهي، ان تي خوش رهي) (2) شيطان ڊگهيون اميدون ڏياري انسان کي ڀٽڪائيندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ انسان موت کي هروقت پنهنجي سامهون سمجهي. (3) شيطان راحت ۽ آرام ۽ دنياوي نعمتن ۾ غرق ٿيڻ جي رستي حملو ڪندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ انسان نعمت کسجي وڃڻ ۽ انهن نعمتن جي حساب جي فِڪُر ڪري. (4) شيطان خودپسندي (يعني پنهنجي پاڻ تي تڪبر ڪرائڻ) جي رستي حملو ڪندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ انسان الله پاڪ جي احسانن کي ياد رکي ۽ بُري انجام کان ڊڄندو رهي. (5) مسلمان ڀائرن کي حقير ۽ گهٽ عزت وارو سمجهڻ جي ذريعي حملو ڪندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ انسان پنهنجي مسلمان ڀائرن جي عزّت ڪندو رهي (6) شيطان حسد جي ذريعي انسان کي ڀٽڪائيندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ انسان الله پاڪ جي ورهاست تي راضي رهي (۽ ٻين کي مليل نعمتن جي طرف لالچ وارين نظرن کان نہ ڏسي) (7) شيطان رياڪاري جي ذريعي حملو ڪندو آهي، ان جو علاج اخلاص ۾ آهي تہ انسان صرف ۽ صِرف الله پاڪ جي رضا جو طلبگار بڻجي وڃي. (8) شيطان ڪنجوسي جي ذريعي ڀٽڪائيندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ انسان اُخروي نعمتن کي ياد رکي ۽ دنيا جو مال ربّ جي راهہ ۾ لٽائيندو رهي. (9) شيطان تڪبر جي ذريعي حملو ڪندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ انسان عاجزي ۽ انڪساري اپنائي. (10) شيطان لالچ (يعني ماڻهن وٽ موجود نعمتن کي لالچ

جي نگاهن سان ڏسڻ) جي ذريعي ڀٽڪائيندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ انسان صرف ربّ ڪريم جي عطائن تي نظر رکي، ماڻهن وٽ موجود شين کان مايوس ٿي وڃي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي شيطان جا ڪجهہ دروازا آهن، جن جي ذريعي شيطان اسان کي ڀٽڪائيندو آهي❁ نمازن ۾ سُستي شيطان جو دروازو آهي❁ پنهنجي گناهن کي وساري ڇڏڻ بہ شيطان جو دروازو آهي ❁پيٽ ڀري کائڻ بہ شيطان جو دروازو آهي ❁ لالچ ❁ ڊگهيون اُمّيدون ❁ آرام طلبي ❁ خودپسندي❁ پنهنجي مسلمان ڀائرن کي حقير سمجهڻ ❁ حسد ڪرڻ ❁ رياڪاري ۽ ❁ ڪنجوسي وغيره هي سڀئي شيطان جا دروازا آهن، اسان کي گهرجي تہ انهن ظاهري ۽ باطني برائين کان هميشہ بچندا رهون تہ جيئن اسان شيطاني حملن کان محفوظ رهي سگهون.

## شيطان کان بچڻ جا وڌيڪ ٻيا طريقا

ان کان علاوه شيطان کان بچڻ جا ڪجهہ ٻيا طريقا بہ آهن. (1) انهن مان هڪ طريقو ذڪرالله جي ڪثرت ڪرڻ بہ آهي. حضرت عُمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه کان مروي آهي تہ ڪنهن الله پاڪ کان سوال ڪيو: مون کي انساني دل ۾ شيطان جي جڳهہ ڏيکار، خواب ۾ ان شيشي جيان صاف شفاف هڪ انساني جسم ڏٺو جيڪو اندران ٻاهران هڪ جهڙو نظر اچي رهيو هو، شيطان کي ڏٺو اهو ان انسان جي کاٻي ڪلهي ۽ ڪن جي وچ ۾ ڏيڏر جي شڪل ۾ ويٺو هو ۽ پنهنجي ڊگهي سونڊ سان ان جي دل ۾ وسوسا وجهي رهيو هو. جڏهن اهو انسان الله جو ذڪر ڪندو هو تہ هُو هڪدم ئي پوئتي هٽي ويندو هو.[2]

حضرتِ ابن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو قول آهي تہ مومن جو شيطان سُست هوندو آهي. حضرت قيس بِن حجّاج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جو قول آهي تہ منهنجي شيطان مون کي چيو: جڏهن تنهنجي اندر داخل ٿيس تہ اُٺ جيان هيس ۽ هاڻي جهرڪي جيان

[1] تنبيہ الغافلين،باب عداوة الشيطان و معرفة مكايده، صفحہ345 ملخصاً

[2] مكاشفة القلوب، باب عداوة الشيطان، صفحہ:79۔

آهيان، مون چيو: اهو ڇو ڀلا؟ شيطان چيو: **تو مون کي ذڪر خُدا جي ذريعي ڪمزور ڪري ڇڏيو.**[1]

## (2) زبان جو قفلِ مدينہ

اهڙي طرح خاموشي(يعني فضول ۽ گناهن ڀري گفتگو کان رڪجي وڃڻ) بہ شيطان کان بچڻ جو بهترين طريقو آهي. حضرت ابوسعيد خُدري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي نصيحت فرمايو! پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ڪجهہ نصيحتون ڪرڻ کان بعد فرمايائون: وَاخْزُنْ لِسَانَكَ إِلَّا مِنْ خَيْرٍ فَإِنَّكَ بِذَلِكَ تَغْلِبُ الشَّيْطَانَ يعني پنهنجي زبان تي قابو رکو ڇوتہ **هي ئي(يعني زبان کي بي لگام ڇڏڻ) اها شيءِ آهي، جنهن جي ذريعي شيطان توتي قبضو ڪري وٺندو آهي.**[2]

عالمَ سڳورا فرمائن ٿا: خاموشي اها نعمت آهي جنهن جي ذريعي انسان شيطان تي غلبو حاصل ڪري وٺندو آهي، تنهنڪري هر مسلمان کي گهرجي تہ پنهنجي زبان جي حفاظت ڪري.[3]

## (3) تَعَوُّذ

پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان کان بچڻ جو هڪ بهترين طريقو تَعَوُّذ يعني اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم جي ڪثرت ڪرڻ بہ آهي. يعني اسان ڪثرت سان اٿندي، ويهندي، هلندي، ڦرندي اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهندا رهون، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!اسان شيطان جي چالن کان بچي ويندا سين. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو انسان سڄي ڏينهن ۾ 10 ڀيرا اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهي تہ

[1] مڪاشفة القلوب، باب فی مکر الشيطان، صفحہ:443۔

[2] معجم صغير، صفحہ:655، حديث:949۔

[3] ... تنبيہ الغافلين، باب حفظ اللسان، صفحہ:119 ۔

الله پاڪ هڪ ملائڪ جي ڊيوٽي لڳائي ڇڏيندو جيڪو شطان کي ان کان ايئن پري ڪندو جيئن عرب ماڻهو اُٺ کي پاڻي جي حوض کان ڀڄائيندا آهن. (1)

## تَعَوُّذ جي برڪت

منقول: حضرت ابوسعيد خُدري رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا تہ مان هڪ هنڌ شيطان کي جهڪيل ڏٺو تہ مون ارادو ڪيو ان کي ڇهبڪ سان ڌڪ هڻان، شيطان مون کي چيو تہ اي ابو سعيد! ڇا اوهان کي معلوم ناهي تہ مون کي ڇهبڪ ۽ دنياوي اسلحي جو ڪو خوف ناهي؟ مون چيو: اي لعنتي! توکي ڪهڙي شيءِ خوف زده ڪندي آهي؟ ان جواب ڏنو تہ مون کي(هن دنيا ۾ صرف) 2 شيون خوف زده ڪنديون آهن: (1) تَعَوُّذ پڙهڻ وارن جو تَعوُّذ يعني اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ پڙهڻ (2) صديقين جي معرفت جا ڪرتا.

سُبْحٰنَ الله! خبر پئي، اَعُوْذُ بِاللّٰهِ پڙهڻ سان شيطان ڊجندو آهي، الله پاڪ اسان کي هن بدبخت کي ڀڄاريندو رهڻ ۽ ان جي چالن کان بچندي رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! نفس و شيطان جي چالن کان بچڻ، نيڪ نمازي بڻجڻ ۽ نيڪين تي استقامت ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺندا ڪيو! اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم !دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون.. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: **نيڪ اعمال** بہ آهي.

❁رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صلَّی اللہ علیہ والہ فرمايو: عقلمند اهو آهي جيڪو پنهنجو

---

1…سلوة العارفين، باب فضيلة التعوذ، جلد:1، صفحہ:124۔

مُحاسبو ۽ مرڻ کان بعد جي لاءِ عمل ڪري. (ترمذی، ابواب صفة القيامة، صفحہ:583، حديث:2459). ❁پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۽ پاڻ کي شيطان کان بچائڻ جو بهترين طريقو اهو ئي آهي تہ اسان پنهنجي عادتن، پنهنجي ڪردار ۽ پنهنجي اعمال جو جائزو وٺون. دور حاضر ۾ امير اهل سُنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ پنهنجو جائزو وٺڻ جو آسان طريقو ڏنو آهي: رسالو نيڪ اعمال ❁ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن جي لاءِ نيڪ اعمال رسالي ۾ 72 سوال جواب لکيل آهن ❁هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن .❁ روزانو سوال پڙهي ڪري پنهنجو جائزو وٺي ڪري خانا ڀرڻا هوندا آهن.❁ صحيح اسلامي زندگي گذارڻ جو اهو بهترين نسخو آهي.❁ هن جي ذريعي نہ ڄاڻ ڪيترن جي اصلاح ٿي چڪي آهي. اوهان بہ هي رسالو خريد ڪيو! روزانو پنهنجو جائزو وٺندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو. ❁ اخلاق سنا ٿيندا. ❁ڪردار چڱو ٿيندو، ❁عادتون بهتر ٿينديون. ❁نيڪين تي استقامت ملندي. ❁گناهن کان نفرت ٿيندي. ❁ دل روشن ٿيندي. ❁ محبتِ الٰهي نصيب ٿيندي. ❁ عشق رسول ۾ اضافو ٿيندو. ❁روحانيت ملندي ۽ ❁فڪر آخرت نصيب ٿيندي.

## پوروگهراڻو سُڌري ويو

ضلع اٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاء جو بيان آهي، مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي ڪرڻ، نمازون قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاء مون کي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد هليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال رسالي جو تعارف (*Introduction*) ڪرايو، رسالي

نيڪ اعمال ۾ لکيل نيڪين پري زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي ڪري مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دامت برکاتهم العالية جو اصلاحِ امّت جي لاءِ جذبو ڏسي ڪري مون هٿون هٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت جا ٿي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي وئي، مون گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنا ٿيڻ لڳا، منهنجي ان تبديلي جو منهنجي گهر وارن تي به چڱو اثر ٿيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! آهستہ آهستہ پورو گهراڻو ئي قادري، رضوي، عطاري بڻجي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، گانا باجا بند ٿي ويا ۽ گناهن پري چينلز جي جڳهه مدني چينل هلڻ لڳو.

| | |
|---|---|
| خوب مدنی قافلوں کی دھوم ہو | نیک ہو امّت اے نانائے حسین! |
| مدنی اِنعامات کی ہو ریل پیل | نیک ہو امّت اے نانائے حسین! (1) |

نوٽ: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاڻي نيڪ اعمال چيو ويندو آهي.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِى فَقَدْ اَحَبَّنِى وَمَنْ اَحَبَّنِى كَانَ مَعِى فِى الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[2]

[1]…وسائلِ بخشش، صفحہ:258۔
2 تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

# منديءَ جي باري ۾ سنتون ۽ آداب

پيارا اسلامي ڀائرو!مرد کي سوني منڊي (Gold)پائڻ حرام آهي، نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سوني منڊي پائڻ کان منع فرمايو. *سون ۽ چانديءَ جا زيور نابالغ (يعني تمام ننڍي) ڇوڪري کي پائڻ حرام آهي ۽ ان کي پارائڻ وارو گنهگار ٿيندو، اهڙيءَ طرح ٻارن (يعني ڇوڪرن) جي هٿن ۽ پيرن تي بغير ضرورت جي مهندي لڳائڻ ناجائز آهي، عورت پاڻ پنهنجن هٿن پيرن تي مهندي لڳائي سگهي ٿي، پر ڇوڪري کي لڳائيندي تہ گنهگار ٿيندي. *لوهہ جي منڊي جهنمين جو زيور آهي *مرد جي لاءِ اها ئي منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊيءَ وانگر هجي، يعني فقط هڪ ٻُڙي جي هجي، جيڪڏهن ان ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻڙا هجن، جيتوڻيڪ اها چانديءَ جي ئي هجي، د جي لاءِ ناجائز آهي، * ٻڙي جي بغير منڊي پائڻ نا جائز آهي، چو تہ اها منڊي نہ ڇلو آهي، *چانديءَ جي هڪ منڊي هڪ ٻڙي سان پائڻ جائز آهي، جنهن جو وزن ساڍا 4 ماشہ (يعني 4 گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي، *عيدُن ۾ منڊي پائڻ مستحب آهي، پر مردن کي اها ئي جائز منڊي پائڻ گهرجي، *مرد کي منڊيءَ جو ٻڙو هٿ جي ترِيءَ ڏانهن رکڻ گهرجي ۽ عورت جي منڊيءَ جو ٻڙو هٿ جي ترِيءَ جي پٺين پاسي رکڻ گهرجي، *چانديءَ جو ڇلو خاص عورتن جو لباس آهي مردن لاءِ مکروهہ ) تحريمي، ناجائز ۽ گناهہ آهي * (عورت سون ۽

چانديءَ جون جيتريون چاهي منديون ۽ ڇلا پائي سگهي ٿي، ان ۾ وزن ۽ ٻڙي جي تعداد جي ڪا پابندي نہ آهي *لوھ جي منڊي تي چانديءَ جو خول چڙهايو جو لوھ بلڪل نظر نہ اچي، اهڙي منڊي پائڻ (مرد ۽ عورت ڪنهن ڪي) بہ منع ناهي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برکاتھم العالیۃ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

اُلفتِ مصطفیٰ اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چَشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو(1)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

---

[1] ...وسائل بخشش، صفحہ:669۔

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.

(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

## (2) سمورا گناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰه عَنۡه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.

(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانى، ص277)

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَةُ اللّٰه عَلَيۡه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.

(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفي صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنۡہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنۡزِلۡهُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَکَ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.

(الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهۡلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.

( مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ ، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد